SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آردیننس نمبر III مجریه 2010

SINDH ORDINANCE NO.III OF 2010

سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آردیننس، 2010

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2001 جي سنڌ آردیننس نمبر XXVII جي دفعه 179-A جي ترميم
Amendment in Section 179-A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

سنڌ آردیننس نمبر III مجریه 2010

SINDH ORDINANCE NO.III OF 2010

سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2010

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

[22 مارچ، 2010]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

شروعات Short title and commencement	1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آردیننس، 2010 سڏيو ويندو. (2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.
2001 جي سنڌ آردیننس نمبر XXVII جي دفعه 179-A جي ترميم Amendment in Section 179-A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001	2. سنڌ مڪاني حڪومت آردیننس، 2001 جي دفعه 179-A ۾: i. ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن ”مڪاني حڪومتون“ کانپوءِ لفظ ”۽ ڪائونسلز“ شامل ڪيا ويندا. ii. ذيلي دفعه (5) ۾، شقن (a) ۽ (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: (a) مڪاني حڪومتن ۽ ڪائونسلز جي تحليل ٿيڻ تي حڪومت پنجهتر ڏينهن جي اندر چيف اليڪشن ڪمشنر کي مڪاني حڪومتن جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪندي؛ (b) مڪاني حڪومتن جون چونڊون هن ترميم يا نئين نفاذ تحت ٿيندیون، جيڪڏهن ڪو نئون قانون پاس نه ٿو ڪيو وڃي ته چونڊون هن ترميم مطابق ڪرايون ويندیون. هر حالت ۾ حڪومت 165 ڏهاڙن جي اندر اندر شق (a) جي روشنيءَ ۾ چونڊن ڪرائڻ کي يقيني بڻائيندي.

نوٽ: آردينس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.